ڊاڪٽر غفور ميمڻ

# شاھ لطيف جي شاعريءَ ۾ زندگيءَ جا وجودي سوال


**Abstract:**

*Shah Abdul Lafif Bhitai is a miracle of Sindh, no one has discovered whole aspects of shah because he has multidimensional colours of thought. The philosophy of shah is not limited in one episteme of age but its unbounded aspects of epistemology of different periods. In this paper I have discussed the existential questions of life. Shah Latif has deep cognitive perception of life. According his philosophy Life is unachieved struggle which is committed with truth and choice. Shah rejected the hypocrisy, even though hypocrisy is coated with religion or ethical values but no place in humanism. Shah created the philosophical ecstasy in his poetry. That’s why Shah Latif is poet of universal values of humanism.*


**ڪڏھن ڪڏھن** شعور زمان و مڪان ۾ سمائجي نہ سگھندو آھي، يا ائين چئجي تہ سماجي شعور جي موجوده صورتحال کان ڳالھ وڏيڪ ھوندي آھي. ڪڏھن ڪڏھن فڪر جا ڪيترا پاسا سماجي نظام جي اپسٽيم(Episteme)کان ٻاھر ھوندا آھن يا سندن دائرو ان وقت جي زمان ۽ مڪان کان ٻاھر ھوندو آھي. شاھ لطيف اھڙو ئي شاعر آھي، جيڪو ان وقت جي اپسٽيم کان ٻاھر آھي. سندس فڪر جا ڪيترا پاسا اڃا دريافت ٿيڻا آھن. اچو تہ شاہ جي فڪر جي ڦھلاءَ ۽ سرحدن کي سمجھون.

وڃان ڪين وري، ھوند ري چئي رھي رھان،
دونھين پاسي دوس جي ، ماڳين پوان مري،
نہ صورت نہ سونھن ڪا، ڪيس چت چري،
وصالان فراق جي سُڄي ڳالھ ڳري،
تيلاھين تري، آءٌ منھن ڳنيو موٽيو وڃان.
(سھڻي ص ۹/۱۴)(۱)

شاھ لطيف ھن بيت ۾ سھڻيءَ جي واتان ھي بيت چورائي ٿو، جنھن ۾ زندگيءَ جو فلسفو موجود آھي. سھڻي چوي ٿي ميھار وٽ اچي واپس نہ وڃان، پلي





ميھار رھڻ جو نہ چوي. جتي دونھين ٻري ٿي، دونھين ميھار ٻاريندو ھو. مالوند ماڻھو اڪثر مڇرن ۽ جيت جڻن کان بچڻ لاءِ دونھين ٻاريندو آھي، تہ ميھار جتي دونھين ٻاري رھيو پيو آھي، اتي وڃان ۽ مري پوان، پر واپس نہ اچان. ٺيڪ آھي واپس نہ اچي، اتي رھي پوي، پر سھڻي واپس ڇو ٿي اچي؟ چوي ٿي وصالان فراق جي سُڄي ڳالھ ڳري. ھن بيت جي ھيءَ سٽ سڄي فلسفي کي ظاھر ڪري ٿي تہ وصال ۾ بہ فراق موجود آھي. توھان چوندا تہ فراق ڪيئن آھي؟ فراق ائين آھي تہ جيتري اڄ پاڻي پيئڻ جي ھوندي آھي، جيتري پاڻيءَ جي اھميت اڄ وقت ھوندي آھي، اھا اھميت اڄ لھي وڃڻ کان پوءِ ناھي. ڪنھن بہ شيءِ کي حاصل ڪرڻ لاءِ جدوجھد وقت ان حاصلات لاءِ وڏو اتساھ ھوندو آھي، وڏو چاھ ھوندو آھي، پر جڏھن حاصلات ٿي وڃي تہ ان شيءِ جي اھميت گھٽجي ويندي آھي. يعنيٰ ڪنھن شيءِ جي اھميت صرف ان وقت آھي، جڏھن اھا موجود ناھي . جڏھن اھا شيءِ ملي وڃي تہ ان جي اھميت گھٽجي وڃي ٿي. شاھ چئي ٿو:

ڏوريان ڏوريان مَ لھان، شال مَ ملان ھوت،
من اندر جا لوچ، مچڻ ملڻ سان ماٺي ٿئي.
(حسيني ٦/١)[٢]

من ۾ لوچ، ڳولا، اندر جي باھ کي زنده رکٽو آھي، جتي اھا منزل ملي ويئي، اتان وري ٻيءَ منزل جي ڳولا شروع ٿي ويندي، ھن فلسفي اندر انساني مقصديت جي ڳالھ موجود آھي. يعني انسان جو ڪوبہ جوھر ناھي، ڪو بہ مقصد ڪٺي پيدا نہ ٿيو آھي، تنھنڪري پھرين پنھنجو پاڻ سامھون ڪري پنھنجي وجود کي، سامھون رکي پوءِ مقصد جي چونڊ ڪري. وري جيڪو مقصد چونڊيندو، اھو بہ وقتي ۽ ثانوي ھوندو؛ ڇو تہ مقصد جو حصول ٿي ويندو عين ان وقت وري ٻيو مقصد شروع ٿي ويندو. معنيٰ مسلسل سفر آھي، ڪابہ منزل ناھي، جيڪا منزل آھي اھا وقتي آھي. جيئن صادق فقير چيو ھو.

الله ڇڏيائون اوريان، پريان پنڌ پيا،
ٻنا نالي سپرين، اڃا ڪي ٻيا،
واڪيندا ويا ،صادق ٻڌيو سندرا.[٣]

جيڪڏهن منزل ناهي تہ پوءِ سفر ڇا جو؟ جيڪڏهن اميد ناهي تہ پوءِ هيءَ جدوجهد ڇا جي؟ جيڪڏهن آسائش ناهي تہ پوءِ حاصلات ڇا جي؟ جي سڪون ناهي تہ پوءِ هيءَ بي چيني ڇا جي؟

شاهہ لطيف جي هن شعر کي ڏسو:

ناميدي آجڪو، اوچڻ آديسين،
ڪڏهن تازي پُٽَ تي، ڪڏهن هيٺ هلن،
ساميڙا سمونڊ ۾، تنبي جيئن ترن
جي واڳونءَ وات وڃن ، ڪُسن، ڪُڇن ڪين ڪي.
( رامڪلي،۱۹/۷) (۴)

ناميديءَ جو ضد هتي اميد آهي ئي ڪانهہ. آهي ئي ناميدي. جيئن ٻڌ چيو هو آهي ئي 'درد'، 'سروم دڪم دڪم'. تيئن اميد ڇا جي، جڏهن صرف سفر ڪرڻو آهي؟ منزل آهي ئي ڪانہ تہ پوءِ اميد ڇا جي؟ تنهن ڪري وصال، منزل ناهي، بلڪ ان ڪان پوءِ هڪ فراق شروع ٿيڻ وارو آهي يعنيٰ ٻہ وجود گڏجي هڪ اڪيلائيءَ کي جنم ڏيندا. تنهن ڪري، وصال ڪان پوءِ هڪ ٻي بيچيني شروع ٿيڻ واري آهي. شاهہ چوي ٿو:

جي سِجهائي سِڪ، تہ پڻ سِڪي سِڪ ڪي،
پيتائين پنهونءَ کي، هڏ نہ پڳس هڪ،
ان تڙ منجهان تِڪ، ڏني پاڻ اڃ ٿئي.
(آبري ۳/ )(۵)

جيڪڏهن پنهونءَ سان ميلاپ ٿي ويو، سڪ سرجي ويئي. پر پوءِ بہ سسئي سِڪي پئي. جيڪڏهن پنهونءَ لاءِ سڪي ٿي تہ پوءِ پنهون تہ ملي ويو، پر سسئيءَ جي سِڪ پوري نہ ٿي. پنهون کي پنهنجي اندر ۾ ضم ڪري ڇڏيائين، پر هڪ بہ هڏ نہ پڳس، ايڏي اُڄ آهي، ايڏي اُساٽ آهي ايڏي تڙپ آهي، پر ڪنهن جي لاءِ آهي؟ جيڪڏهن صرف پنهون لاءِ تہ پنهون ملي ويو، پوءِ ڪلياڻ ڇو نہ ٿيو؟ ڇو تہ ان تڙ منجهان تِڪ ڏيڻ ڪان پوءِ اُڄ اڃا بہ وڌندي آهي.

وري سسئي انهيءَ سڄي واقعي کي سراب يا خواب وانگر ياد ڪري ٿي، جڻ





تہ خاموشيءَ سان وجود جو وڻ وڍجي ويو. ڪيچين وجود جي ويجهو اچي ڪجهہ چيو، پر ڪجهہ بہ نہ چيائون، جڻ تہ رتيءَ جيترو بہ انهن وٽ نہ رهي.

ڪن ٿي ڪچيو ڪيچين، ڪجهہ مَ ڪچيائون،
رهيس نہ رتيءَ جيترو، انهن وٽ آئون،
وڍي وڌائون، هو جو وڻ هٿڻ جو. ۱/۹(۶)

هن بيت ۾ عجيب گهرائي آهي، جنهن کي سمجهڻ لاءِ هن دنيا جي بنيادي ڪوڊ کي سمجهڻ ضروري آهي. اهو ڪوڊ تبديلي، مسلسل وهڪرو، مسلسل سفر آهي. ڪا بہ شيءِ ڪٿي رڪجي نٿي. ڪائنات هڪ عجيب رقص ۾ محو آهي. صديون بہ پل ۾ گذري ٿيون وڃن. سسئيءَ کي پنهونءَ جو ملڻ، عشق جو سفر پنهونءَ جو ساٿس وهان ٿيڻ، پنهونءَ کي پاٿر ڪٽي ويا. اوچتو سسئيءَ کي محسوس ٿيو تہ جڻ رتيءَ جيترو بہ انهن وٽ نہ رهيس، هڪ خاموشي آهي. جيڪي ڳالهيون هيون، انهن ۾ اظهار نہ هو، انهن ۾ محبت جي تسڪين نہ ٿي، جڻ تہ ڪن جي ويجهو اچي ڪجهہ چوڻ چاهيائون، پر ڪجهہ بہ نہ ڪچيائون ۽ وجود جو وڻ وڍجي ويو: يعني اصل اظهار لفظن ۾ آهي ئي ڪونہ، صرف خاموشيءَ ۾ آهي.

وري هي ٻيو بيت ڏسو:

ڪن ٿي ڪيچين ڪچيو، ڪجهہ مَ تا ڪچن،
اشارتون انهن جون، سُڪوتا سڄُن،
وٺان ويهي تن، سُڻ تہ سوز پرائيين.(۷)

آهي صرف تڙپ، بي چيني، ازل جي اُڄ، بس زندگي مسلسل سفر آهي، ڪا منزل ناهي: تنهن ڪري ملڻو ڪجهہ بہ ناهي، هٿ اچڻو ناهي. هيراقليطس انهيءَ ڪري چيو هو:

"No man cannot step twice into the same river, because other water is ever flowing"۸

توهان دريا ۾ ٻہ دفعا پير نٿا رکي سگهو. هيراقليطس جي شاگرد وري چيو تہ توهان دريا ۾ هڪ دفعو بہ پير نٿا رکو. پاڻيءَ جو وهڪرو مسلسل آهي، ڪٿي پاڻي بيٺو ناهي، جنهن ۾ توهان پير رکيو، اهو وهي ويو. تہ پوءِ توهان ڪهڙي پاڻي ۾ پير

رکيو. بلڪل ائين دنيا مسلسل وهڪرو آهي، ڪجھ بہ رڪجي نٿو: وقت جو وهڪرو بہ دريا مثل آهي. تنهن ڪري ٽانيڪو ٿيڻ ناممڪن آهي. هاڻي دنيا دريا مثل آهي تہ ڇا اسان ان ۾ ٻڏي رهيا آهيون يا تري رهيا آهيون.

دنيا سپ دريا، ڪو ڪو تار تنهن ۾،
هڪڙي لهر لوپ جي، ٻيو آتشي اوڙاھ.
طالبن توڙان، موڙي چاڙهيون مڪڙيون.
(سريراڳ ٦/٧) (٩)

دنيا مسلسل وهڪرو آهي، پوءِ حصول جي تسڪين نٽي ٿي سگهي، تنهن ڪري جيترو ملي ٿو، اوترو لوپ وڌي ٿو، اوتري لالچ، هٻچ وڌي ٿي، ڇو تہ حصول ٿيڻ کان پوءِ اندر جو خال اوترو ظاهر ٿيو پوي. جيڪڏهن اسان انهيءَ حصول جي جنگ ۾ مقابلي جي جنگ ۾ ٽپي پياسين تہ پوءِ هڪ هٻچ ۽ هَوس جي جنگ شروع ٿي ويندي. پوءِ دريا ۾ اسان ٻڏڻ شروع ڪنداسين. تنهن ڪري دنيا کي سمجهڻ جي ضرورت آهي. جيڪي سمجهو آهن، دنيا کي سمجهن ٿا، اهي ئي تري سگهن ٿا. مطلب تہ دنيا کي شعوري طور، عقلي طور سمجهي، پوءِ گذارڻ جو ڍنگ ضروري آهي. انساني رويو اهو آهي تہ مايا جي موھ ۾ قيد ٿي نہ وڃو.

هاڻي سِڪ جو انت سِڪ ئي آهي. وصال جو ڪلياڻ صرف تڏهن ٿي سگهي ٿو، جڏهن وقت بيهي رهي. پر وقت بيهي نٿو، تنهن ڪري شاھ لطيف وٽ خواهش آهي تہ پرين ملي وڃي تہ پوءِ وقت نہ گذري وقت بيهي رهي.

ڍول مَرڪٽي ٻانهڙي، پرھ مَرڪٽي پاند
آءٌ پنهنجو ڪانڌ، لوڪان لڪي رهايان. (١٠)

ڇا زندگي لاحاصل جدوجهد جو نالو آهي؟ اصل ۾ بہ ڳالهيون اهم آهن: هڪ تہ انسان جي زندگيءَ ۾ حصول هڪ ڏاڪو آهي، هڪ قدم آهي، جنهن کي عبور ڪرڻ بہ ضروري آهي. حصول کان انڪار ناهي. شخصيت جي نشونما حصول سان ٿئي ٿي؛ پر حصول آخري ناهي. مسلسل هڪ عمل آهي: تنهن ڪري زندگي هر دور مان گذري اڳتي وڌي ٿي، جنهن سان روحانيت کي تقويت ملي ٿي. انسان جي spiritual quality جيتري وڌندي، انسان اوترو پنهنجي بلوغت کي پهچندو؛ پر صرف حصول ئي مقصد





ناهي. صرف حصول مايا جي رج ۾ گم ٿي، هٻچ ۽ هَوس جو شڪار ٿيڻ آهي. اسٽيفن ڪوي پنهنجي ڪتاب "The 8th habit from effectiveness to greatness" ۾ چيو هو:

"Spiritual intelligence represents our drive for nothing and connection with the infinite."(11)

"SQ what we use to develop our longing and capacity for meaning, vision and value .it allow us to dream and to strive. It under lies the things we believe in and the role our beliefs and values play to the actions we take. It is in essence what makes us human."(12)

روحانيت مان مراد ڪا غير مرئي يا مذهبي روح ناهي. هتي روح مان مراد زندگيءَ جي احساسن ، جذبن، پيار، اندر جي خوشيءَ، لامحدوديت سان ڳنڍجڻ، انساني ڳُڻن سان ملڻ آهي. اها روحانيت صرف ان وقت بلوغت ماڻي ٿي، جڏهن ماڻهو پنهنجي محدود دائري مان نڪري، ڪائنات جي لامحدود وسعتن سان ڳنڍجي ٿو. انسان جي وجود جو اهو اهم سوال آهي تہ پنهنجي ڪرب ۽ وجودي بيهودگيءَ کان بچڻ لاءِ روحاني بيخوديءَ ۾ وڃي پاڻ کي ٽانيڪو ڪري.

هر عمل ۽ شيءِ اندر هڪ ائبسرڊٽي لڪل آهي. تبديليءَ کي دٻائڻ ۽ اڳتي وڌڻ کان انڪار ڪرڻ ۾ ائبسرڊٽي ظاهر ٿي پوندي آهي. وجودي فلسفين جو چوڻ آهي تہ زندگي هڪ مسئلو آهي، ان جو ڪو حل ناهي، ائبسرڊٽي ان جو مقدر آهي. انهيءَ ڪري زندگيءَ جو وڏو مسئلو ان جو بي مقصديت هئڻ آهي. ڇا بي مقصديت جو شڪار ٿي هٿيار ڦٽا ڪرڻ گهرجن يا مقصد جي چونڊ ڪري ان لاءِ جدوجهد ڪجي؟ شاھ لطيف وٽ اهو اهم سوال آهي. تنهنڪري شاھ وٽ مقصد جي چونڊ ڪرڻ کان پوءِ ان سان سچو رهڻ، ثابت قدم رهڻ اهم سوال آهي. يعنيٰ شاھ وٽ منافقي ڪنهن بہ صورت ۾ قابل قبول ناهي. هاڻي چونڊ ڪهڙي ڪجي؟ ڇا شاھ لطيف چونڊ ڪرڻ ۾ ڪا مدد ڪري ٿو؟ شاھ لطيف وٽ انفرادي شخصيت جي بنيادي عمل کان اجتماعي لافانيت ۽ لامحدوديت جو تصور موجود آهي. شاھ جي هر سورمي اندر جي خالي پٽي ظاهر ٿي پوڻ کان پوءِ لاحاصل جدوجهد لاءِ نڪري پوي ٿي؛ سواءِ نوريءَ جي. نوري اڳ ۾ ئي ايتري عاجزي ۽ انڪساريءَ ۾ آهي، جو هن وٽ وڃائڻ لاءِ ڪجھ بہ ناهي. ڄام تماچي خود هن وٽ هلي اچي ٿو. سيئي سورميون فرد جي وجودي جوهر جي ڳولا ۾ پاڻ کي دائمي ڪردار سان ڳنڍيين ٿيون. سسئيءَ لاءِ دائمي ۽ لامحدود ڪردار پنهون آهي؛ مومل لاءِ راڻو آهي، ليلا لاءِ چنيسر آهي، مارئيءَ لاءِ پنهنجو وطن ۽ مارو آهن،

پر نوري خود لامحدود ڪردار آهي. هن ڪجهه به نه چونڊيو، پر هن کي چونڊيو ويو.

هاڻي چونڊ ڪرڻ وقت توهان جي ڪير به مدد نه ڪندو. سڀ نظريا، مذهب، Meta narration، توهان جي انفرادي چونڊ، توهان کي ثانوي بنائي سگهي ٿي يا وري بيائي، منافقيءَ ڏانهن ڌڪي سگهي ٿي: جو ته انساني جوهر کي اهي طئي ڪن ٿا. جڏهن ته جوهر آهي ئي ڪونه. ته پوءِ نظريو يا فڪر انسان لاءِ وقتي ڇپر ڇانو آهن يا وري بي پناهه درد ۾ آٿت (Placebo) آهن. بلڪ انسان پنهنجي بي پناهه اختيار کان بچي، ڪنهن ڇپر ڇانو ۾ پناهه وٺندو آهي ۽ پنهنجي آزاديءَ جو بوجهه انهيءَ نظريي، مذهب، سياسي پارٽيءَ، سماجي قدرن تي رکي، پاڻ کي آجو ڪندو آهي؛ جو ته هو پنهنجن فيصلن جي اثرن سان منهن ڏئي نه سگهندو آهي، جي ڪجهه نه، ته پوءِ قسمت کي ڏوهه ڏيندو آهي. بلڪل ائين جيئن ننڍڙو ٻار ڊپ ۽ خوف کان پنهنجي ماءُ جي هنج ۾ لڪندو آهي، بلڪل اهڙيءَ طرح ماڻهو نظرئي، عشق ۽ بغاوت ۾ (ڪڏهن وري نشي ۾) پناهه وٺندو آهي.

شاهه لطيف جي نظر ۾ چونڊ ڪرڻ کان پوءِ پڇڻ منافقي آهي. جيڪا چونڊ توهان ڪريو، انهيءَ سان سچا رهو. شاهه وٽ اصل ڳالهه سچ جي آهي، جو ته شاهه وٽ آمريت ناهي، هو نظريو ڪنهن تي نٿو مڙهي.

وحده لاشريڪ لهُ، جان ٿو چئين ائين.
تان مڃ محمد ڪارڻي، نرتئون منجهان نينهن
تان تو وڃيو ڪيئن، نائين سر ٻين کي.
( ۱/۲ ڪلياڻ) (۱۳)

زور زبردستي ناهي، سيڪيولر سوچ ۽ لبرل سوچ آهي، ڪا به زبردستي ناهي. توهان جي مرضي آهي جيڪڏهن توهان وحده لاشريڪ الله چئو ٿا ته پوءِ محمد (ص) ڪارڻيءَ کي مڃو. اهڙيءَ طرح جيڪڏهن توهان ڪفر کي چونڊيو آهي ته پوءِ ڪفر سان سچا رهو.

ڪوڙو تون ڪفر سان، ڪافر مَ ڪوٺاءِ،
هندو هڏ نه آهين جٽيو تو نه جڳائي
تلڪ تنين لاءِ سچا جي شرڪ سين آسا.
( ۵/۲۳) (۱۴)





اهڙي طرح سهڻيءَ کي چوي ٿو جيڪڏهن تون ميهار کي چونڊيو آهي، ته پوءِ ميهار سان سچي ٿي. منافقي نه ڪر،

ستي مَ ٿي سهڻي ،لنبي ٿي لڏيج
چيو ڪري چڱ جو آڏيءَ رات اٿيج
ٻار ريءَ ٻڏيج ڍڪڻ ۾ ڍڪ پري.
( سهڻي ۲۹/۱۰) (۱۵)

چونڊ آفاقي آهي، جيڪا سماجي قدرن کان بالاتر آهي. جيڪا توهان کي لامحدوديت سان ڳنڍي ٿي. جيڪا امرتا ماڻي ٿي پر صرف سچائيءَ جي ضرورت آهي. توهان جي چونڊ آفاقي انهيءَ ڪري آهي ته، توهان جي چونڊ ئي قدر کي تخليق ڪندي، جيئن :

چوريون چرڻ سڪيون، پنهون ڪيائون پور.

پنهون لامحدوديت جي علامت بنجي ويو. هاڻي اسان اچون ٿا پنهنجي بحث تي، زندگي جدوجهد ۽ مسلسل سفر آهي، سفر ۾ ڪجهه حصول ناهي، ڪٿي ٽڪ ناهي، سفر لاءِ ڪنهن رومانويت جي ضرورت آهي، رومانويت انسان کي خود فريبيءَ ڏانهن وٺي وڃي ٿي. جو ته ڪابه چونڊ توهان جي وجود جي متحمل ناهي ته پوءِ ڇا ڪرڻ گهرجي؟ اهو بنيادي سوال آهي جتي صوفي عشق جو رستو اختيار ڪري ٿو. عشق اهڙو جنون آهي، جنهن ۾ تمام عقل جون حدون اورانگهي ماڻهو خود فريبيءَ کي قبول ڪري ٿو. ساڳي وقت عشق هڪ بغاوت آهي، جنهن سان پنهنجي وجود جي جوهر کي ڳولڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي ٿي. عشق صرف رستو آهي.

اجهي منڊ اوير ، ائي پهر آٿ ۾،
ويس ويريپو ڪري، ڏونگر چڙهي ڏير،
لڙئي سج لطيف چئي، پب نهاري پير،
ڪهي جا ڪوير، سا هادي ميڙين هوت کي.
( آبري۸/۲۲)(۱۶)

هتي جدوجهد جي انتها آهي، هڪ سج لهي رهيو آهي، ٻيو جبلن ۾ سسئي پير پنهون جا پئي ڳولي، سسئي ٽڪيل آهي، مُنجهي پئي، ڏير دشمني ڪري جبلن جا پنڌ ڏيئي ويا، پر هيءَ اوير وقت ۾ سفر پئي ڪري. جو ته سفر لاءِ انفرادي وجود مان

نڪري لامحدوديت سان پاڻ کي جوڙي چڪي آهي. ڇا سسئيءَ کي منزل ملندي؟

ڪڙهي ۽ ڪڙي ، پر ۾ پير پنهون جو
سڪ ٻڌائين سندرو، جانب لاءِ جڙي،
لڪن سر لطيف چئي، منڊ جهيڙي ۾ جڙي
پٽي تان نہ پٽي، جي عمر سڀ ائين ڪري.
(آبري ٢٠/٨) (١٧)

سسئي سڪ جو سندرو ٻڌي ، جبلن ۾ ڪڙهي بہ پئي پر پير ڪٽي پيئي. پر مسئلو اهو آهي تہ سڄي عمر ائين ڪري تہ بہ پيرن جي دز بہ حاصل نٿي ڪري سگهي. هتي واضح ٿي ويو تہ صرف رومانس ڪپي منزل جو، جديد وجودين جنهن کي خود فريبي قرار ڏنو آهي. صرف بغاوت سان وجود جي خال کي يا وجود جي سوال کي پرڻ جي ڪوشش ڪري سگهجي ٿي.

انهيءَ ڪري سارتر پنهنجي وجود جي اهميت ان وقت محسوس ڪيو جڏهن ڪيس الجزائر جي فوجين قيد ۾ رکيو ۽ اذيتون ڏنيون. پر سندس ثابت قدميءَ ڪيس وجود جي انفرادي حيثيت جي ميجتا ماڻي.(١٨)

ساڳيءَ طرح مارئي جڏهن قيد ۾ آهي تہ سندس آڻ نہ ميڃڻ، ڪيس وجود جي حيثيت ۾ ميجتا ڏي ٿي.

سکر سي ئي ڏينهن، جي مون گهاريا بند ۾،
وسايم وڏ ڦڙا، مٿي ماڙين مينهن،
واجهائيندي وصال کي ، ٿيس تهوارون تئين،
نيئر منهنجي نيهن، اجاري اڃو ڪيو.
(مارئي ١٢/٦) (١٨)

**نتيجو:**

- وجود جو ڪو بہ جوهر ناهي، شاهہ لطيف ڪان وٺي جديد وجوديت ۾ ساڳيو سوال اهم آهي.
- زندگي مسلسل سفر آهي، لاحاصل جدوجهد آهي.
- هر وجود چونڊ جي مرحلي مان گذري ٿو. جنهن کي بہ چونڊ ڪري، ان سان سچو رهڻ وجود جي روحانيت حاصل ڪرڻ جي برابر آهي.





- منزل جو ڪو بہ تعين ناهي، حصول ڪا بہ منزل ناهي.
- شاهہ لطيف انسان جي آفاقي قدرن جو شاعر آهي. هن جا قدر انساني قدرن ڪان بالاتر ناهن. جنهن ڪري منافقي انسان جو سڀ ڪان بدتر فعل آهي.

## حوالا


١. شيخ، ٻانهون خان، ’شاهہ جو رسالو‘، جلد پهريون، شاهہ عبداللطيف ڀٽائي چيئر، ڪراچي يونيورسٽي، ڪراچي، ٢٠٠٠ع، ص: ٢٩٢.
٢. شيخ، ٻانهون خان، ’شاهہ جو رسالو‘، جلد ٽيون، شاهہ عبداللطيف ڀٽائي چيئر، ڪراچي يونيورسٽي، ڪراچي، ٢٠٠٢ع، ص: ٢٩٥.
٣. اسد پلي، (مرتب)، ’وڙهيا واڳيا واپريا‘، نوائي ادب عمر ڪوٽ، ١٩٩٨ع، ص: ١٤.
٤. شيخ، ٻانهون خان، ’شاهہ جو رسالو‘، جلد ٽيون، شاهہ عبداللطيف ڀٽائي چيئر، ڪراچي يونيورسٽي، ڪراچي، ٢٠٠٢ع، ص: ٨٦.
٥. ساڳيو. جلد ٻيو، ص: ٠٧.
٦. ساڳيو جلد ٻيو، ص: ١١٨.
٧. ساڳيو جلد ٻيو ، ص: ١١٩.
8. https://en.wikipedia.org/wiki/Heraclitus date 06November 2022 .time 1 pm
٩. شيخ، ٻانهون خان، ’شاهہ جو رسالو‘، جلد پهريون، شاهہ عبداللطيف ڀٽائي چيئر، ڪراچي يونيورسٽي، ڪراچي، ٢٠٠٠ع، ص: ١٧٦.
١٠. شيخ، ٻانهون خان، ’شاهہ جو رسالو‘، جلد ٽيون، شاهہ عبداللطيف ڀٽائي چيئر، ڪراچي يونيورسٽي، ڪراچي، ٢٠٠٢ع، ص: ٢٤٥.
11. Stephen R Covey Franklin Covey, ‘The 8th habit of highly effective people’, 1988. P: 53.
12. Stephen R Covey Franklin Covey, ‘The 8th habit of highly effective people’, 1988. P: 54.
١٣. شيخ، ٻانهون خان، ’شاهہ جو رسالو‘، جلد پهريون، شاهہ عبداللطيف ڀٽائي چيئر، ڪراچي يونيورسٽي، ڪراچي، ٢٠٠٠ع، ص: ٠٣.
١٤. شيخ، ٻانهون خان، ’شاهہ جو رسالو‘، جلد ٽيون، شاهہ عبداللطيف ڀٽائي چيئر، ڪراچي يونيورسٽي، ڪراچي، ٢٠٠٢ع، ص: ٣٤٣.
١٥. شيخ، ٻانهون خان، ’شاهہ جو رسالو‘، جلد پهريون، شاهہ عبداللطيف ڀٽائي چيئر، ڪراچي يونيورسٽي، ڪراچي، ٢٠٠٠ع، ص: ٣٠٦.
١٦. شيخ، ٻانهون خان، ’شاهہ جو رسالو‘، جلد ٻيو، شاهہ عبداللطيف ڀٽائي چيئر، ڪراچي يونيورسٽي، ڪراچي، ٢٠٠١، ص ٥٦.
١٧. ساڳيو، ص: ٥٧.
١٨. شيخ، ٻانهون خان، ’شاهہ جو رسالو‘، جلد پهريون، شاهہ عبداللطيف ڀٽائي چيئر، ڪراچي يونيورسٽي، ڪراچي، ٢٠٠٠ع، ص: ٤١٨.